(ڪي ماڻهو ٻاهر ڀڄن ٿا ۽ ڪي ٻائي ڪي
ڪٽي گاديلي تي ليٽائين ٿا. هڪ وائٽي جي
رت لڳل ڏنڊي تي نظر ٿي پوي.)

وائيو :- (دانهن ڪري) اڙي هيءُ ڏنڊو ته موهن
ڪلاڪ منو ٿيو مون ڪان ڇٽين آني ۾ وٺي
ويو هو!!

ٻيو وائيو:- (دانهن ڪري) اڙي ـــ ٻائي صاحب جي
ڌوتيءَ جو پلُو به ڪپيل آهي!
(ٽئين وائٽي جي ڪئش باڪس تي نظر ٿي
پوي جنهن مان ٻاهر نڪتل ڪپڙي جو
ٽڪر جنهن تي رت لڳل هو صاف نظر
پئي ٿي آيو.)

ٽيون وائيو:-(ڪئش باڪس کي کولي ان مان ڌوتيءَ جو
ڪپيل ٽڪر جنهن ۾ نوٽ ٻڌل هئا، ڪڍي
ٻاهر ڪندي ۽ سيني کي ڏيڪاريندي) اڙي ـــ
هيءُ ڏسو! ايڏو جلم!! ـــ ڇٽن پيسن جي
ڪري هنن ڇوڪرن ٻائي صاحب جو خون
ڪري ڇڏيو!!!
(پوليس وارو موهن ۽ ڪنول کي ڪنڌ ۾
هٿ وجهي دڪان تان هيٺ لاهي ٿو.)

موهن ۽ ڪنول } (پنهنجا ٻئي هٿ مٿي تي هڻي يڪ آواز) قسمت!

( پردو ڪري ٿو )

اٿهرڪيو:- چري مات! منهنجو پٽ! وچي تنهنجي پٽ ۾.
تو ته پٽ پيرن کان پني ورتو آهي نه ـــ
هش! آهستڙي ڳالهاءِ متان پير ٻڌي نه وٺن
۽ پٽائين نه پيريءَ ۾ منهنجي ڏاڙهي!! (ٺهڪ)

جونس: وري اهيئي چرچا؟ چڱو وچ ٻاهر وچي ڏس
ته ڪاڏو ڇڳيءَ طرح پيو ورهائجي يا ڪيئن؟

اٿهرڪيو:- ورهائڻ وارا ڀائيهي ورهائيندا ۽ کائڻ وارا
پاڻيهي کائيندا. تون ڇو ٿي پئي ويچار ڪرين؟ ـــ
ها، باقي جي مان هاڻي نٿو وٺانءِ ته اها ڪٿي
ڳالهه ڪر. سچ چيو اٿن ته اولاد ٿيڻ کانپوءِ
مڙس تان عورت جو آر اکثر کڄيو وڃي
(زال جي ڪاڏيءَ تي هٿ لڳائي) ڪئين
نهڪ ٿو چوان نه؟

جونس:- (مڙس جو هٿ پري ڪري) ڇڏ ته ڪو ڏسي
نه وٺي ـــ ۽ بي ڳالهه ٻڌ. متان تون خوش
ٿيندو هجين ته جڙيل وڏو ٿي منهنجي پاڻ
پيڙين جي ماندٺي وسائيندو!

اٿهرڪيو:- (حقي مان ٻڙڪو ڪيدي) تڏهين ڇا ڪندو ـــ
ڪماني ٿيندو؟

جونس:- ڪمائين ڪي ڪي سگ هوندا آهن ڇا؟ ـــ
مان پنهنجي پٽ کي انگريزي پاڙهينديس ـــ
پوءِ هن کي وڏي نوڪري ملندي!

الهر کيو:- (ٿهڪ ڏيئي) برابر، برابر. وڏي نوڪري ڪندو. بلڪل وڏي! — نادان، روزگار اهو ڇڱو جيڪو ابي ڏاڏي ڪيو هجي.

جونس:- (ڪاوڙ مان) خبردار جي وري اهو خيال به ڪيو اٿيئي، مان ته پنهنجي جڙيلَ کي ضرور انگريزي پڙهائيندس.

الهر کيو:- ليپي لوڏڪ به ڪانه ۽ سڏ مريڙي جي! — (حقي مان بڙڪو ڪڍي) انگريزي پاڙهڻ تي جو هيترو سارو خرچ ٿيندو اهو ڪٿان آڻيندا سين؟ — ڇا اهو به پيرن ڪان پني ايند ين ۽؟

جونس:- بس، اڄ ڪان سادو ڪائيندا سين ۽ سادو هنڊائيندا سين. ڪجهه نه ڪجهه هر مهيني بچت پئي ٿيندي — ۽ منهنجا زيور وري ڪنهنجي ڪم ايندا! — اهي به ڪيس پاڙهڻ تي خرچ ڪبا — ائين ها — تون به هائي بوسڪي جا پٽڪا ٻڌڻ ڇڏي ڏي (مشڪي) ڪا ريٺي سوا واري ٽوپي وٺي ڇڏ.

الهر کيو:- (هٿ جوڙي) حاضر بابا — حڪم تمهارا. اڄ ئي تو دادي ڏنپتراء کان ٽين آني واري ٽوپي وٺي اچان! — پٽ ڇا چائو ڪائڻ ۽ پائڻ تي به ڪنٽرول ٿيو! (بڙڪو) پيلا ڪنهن ٻي ڳالهه تي ته ڪنٽرول ڪونه ٿيو نه؟

جوئس:- ہي کهڙي ڳالهه تي؟

الهرڪيو:- (مرڪي) مثلاً — مثلاً — هاڻي چا ۽ ڪيپٽن ڊوڪي ڊڏايان يا سمجهايان ! — يعني — ها، حڪيم صاحب جـون گوريون کائڻ ته بند نه ڪريان نه؟— يا انهن جي کائڻ تي به ڪنٽرول؟

جوئس: (شرمنده ٿي) بس — ڊوڪي ته رڳو چرچا ٿا سجهن.

الهرڪيو: نهيو بابا — چرچن تي به ڪنٽرول. (ٻڙڪو) اسان بس ڪئي.

جوئس: اڄ ته هتڙا ڪٿي جڙيل لاءِ ڊٿيءَ در دءا پنئون. (ٻئي هٿ آيا ٿا ڪن) ڊٿي منهنجا اسانجي جڙيل کي وڏي حياتي ڏجانءِ -

الهرڪيو: ۽ جـڙيـل جـي پـيءُ کـي جلد مارجانءِ — چاڪاڻ ته هو هاڻي جهونو ٿـو آهي ۽ چلهه تي ٿو کانگهارا اچليـ —

جوئس: ڊٿي منهنجا جڙيل ڏي ڪرسي نصب ڪجانءِ — هنکي ڪا وڏي نوڪري ڏجانءِ —

الهرڪيو: وڏي — بلڪل وڏي. ڪيس ڊپٽي ڪليڪٽر بنائجانءِ ۽ جي نواب شاه ضلع جو ڪليڪٽر ڪٿي ڪرينس ته ڪيا بات!

جوئس:- (ڪاوڙ وچان) وري ساڳيا چرچا؟

منهنجا شاهجهان، ڇا تون پنهنجي ممتاز کي
جواب نہ ڏيندين؟ — مان شاهوڪار ۽ آزاد
خيال ماءُ پيءُ جي ڌيءَ آهيان ۽ — ۽ ڪنهن
سان بہ شادي ڪري ٿي سگهان. ڪيترو نہ
چڱو ٿئي جو تون....... جو تون.......
مونکي هن خط جو جواب ڏين!

تنهنجي ۽ سورنهن ئي آنہ فقط تنهنجي ممتاز.

جڙيل:- (هٽ مهتيندي) بس اها ئي هڪ مصيبت آهي جو هوءَ شاهوڪار ماءُ پيءُ جي ڌيءَ آهي!

محمود:- ڇا مطلب؟

جڙيل:- مطلب؟— مطلب وري ڇا — بس اهو ئي تہ هوءَ شاهوڪار گهر جي آهي. جيڪڏهين هوءَ ڪنهن غريب گهر جي هجي ها تہ مان ڪري سائس شادي ڪريان ها — مون کي پيسي ۽ پيسي وارن کان نفرت آهي (محمود ڏانهس چتائي نهاري ٿو) اوهان بہ تہ غريب گهر مان شادي ڪئي هئي نہ؟

محمود: (ڪجهہ گنڀير ٿي) هو پئبد ڪڍي وٺ (جڙيل پئبد ڪٽڻ لاءِ اٿي ٿو) ۽ هوءَ مس استدل بہ (جڙيل اها بہ ڪڍي اچي ٿو) — هان! تون واڳڻائي مس ڪم آڻيندو آهين؟ (جڙيل خاموش رهي ٿو) ۽ هيءُ — هيءَ خط بہ تہ

جرنيل:- اڇا ــ منهنجو ارادو آهي....... حاجي صاحب ڊاڪٽر محمود اوهان سان ڳالهه ڪئي هوندي ــ

حاجي:- هائو برخوردار. مان بلڪل خوش ٿيو آهيان اوهان سان ملي. مونکي ڪوبه اعتراض نه آهي.

(ممي اندر داخل ٿئي ٿي. سنلس هٿ ۾ هڪ ٿيلهي آهي. ڪيس ڏسي جرنيل جو منهن لهي ٿو وڃي.)

ممي:- اڇي، ٿيلهي خالي ڪري ڏي.

جرنيل:- رک پٽ، پوء ڪٽي وڃجانء ٿيلهي.

ممي:- نه، نه. تون ٿيلهي وڃائي ڇڏيندين.

(ممي ٿيلهي ميز تي اونڌي ٿي ڪري. ميز تي تازي فروٽ جي کلن جو ڍگ لڳي ٿو وڃي. ممي خالي ٿيلهي کڻي پڇي ٿي وڃي.)

حاجي:- (هيٺ پڪڙيل کلن ڏانهن ڏسي ۽ پوء ميز تي پيل فروٽ جي کلن ڏانهن نهاري) هي..... هي......

جرنيل:- (تڪڙ ۾) کلون آهن حاجي صاحب ــ هوءَ ممي آهي نه ڊاڪٽر محمود جي ڌي ان جو ڪتو آهي ٽائگر، ان لاء ڪٽي ويئي هئي ــ

حاجي:- (ٽوک جي نموني) هاـــ ۽ هاٿي ان ٽائگر

